هفتيوار رسالو



الله
غوث اعظم عليه رحمة الله الاكرم
كى گيارهويں شريف
مبارك هو!

# غوثِ اعظم رحمة الله عليه جا 25 ارشاد

(اميرِ اهلِ سنت دامت برڪاتهم العاليہ جون تحريرون)

(سنڌي)

ٽي ضروري شيون

دوست ڪير؟

فائديمند دعائون

سلامتي جا رستا

ترجمو
TRANSLATION DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليہ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو.

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **سيدنا غوث اعظم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جا 25 ارشاد**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

پهريون دفعو : سيپٽمبر ربيع الآخر 1447هہ مبر 2025ع

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

# سيدنا غوث اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه جا 25 ارشاد

### ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط

# سيدنا غوث اعظم رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ جا 25 ارشاد

## جنَ حاضرِ خدمت ٿيندا هئا

جڏهن پاڻ (يعني غوث پاڪ) منبر شريف تي ويهي اَلْحَمْدُلِلّٰه! چوندا هئا، تڏهن جنَ بہ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا.

(پيارے مرشد، ص 40 بتغير)

## موت ويجهو آهي

ڪي ماڻهو ڪلندا رهيا هوندا آهن، حالانڪ انهن جو موت ويجهو اچي چڪو هوندو آهي. (غنية الطالبين، 348/1)

## پيدا ٿيندي ئي الله پاڪ جو ذڪر

غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ پيدا ٿيندي ئي الله الله چيو.

(الحقائق في الحدائق، ص 139)

## عيد جو ڏينهن

مان تہ جنهن ڏينهن هن دنيا مان پنهنجو ايمان سلامت کڻي ويندس، منهنجي لاءِ تہ اهو ئي ڏينهن عيد هوندو.

(فيضان غوث اعظم، ص 8)

## بُري اخلاق جو علاج

حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه فرمائن ٿا: بک ۽ اُڃ برداشت ڪرڻ ۽ راتين جو جاڳڻ آسان آهي پر "بُري اخلاق" جو علاج تمام مشڪل آهي. (غنية الطالبين (اردو)، ص 687)

## عزت ۽ ڪرامت جو تاج

الله پاڪ جي صبح شام فرمانبرداري ڪندا رهو. جڏهن توهان ائين ڪندا تہ عزت ۽ ڪرامت (يعني بزرگي) جو تاج توهان جي سر تي هوندو. (الفتح الرباني، ص 51 ملخصاً)

## سچائي جو دامن نہ ڇڏيو

الله پاڪ جي نافرماني نہ ڪرڻ گهرجي ۽ سچائي جو دامن هٿ مان نہ ڇڏڻ گهرجي. (فتوح الغيب مع قلائد الجواهر، ص 44 ملخصاً)

## عقلمند چوڻ جو سبب

سرڪار غوث اعظم رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه فرمائن ٿا: عقلمند کي عقلمند ان ڪري چيو ويندو آهي جو ان جي نظر ڪمن جي انجام (يعني END) تي هوندي آهي. (قلائد الجواهر مع فتوح الغيب، ص 104)

# عاجزي ڇا کي چئبو آهي؟

عاجزي اها آهي تہ ٻانهو جنهن سان ملي ان کي پاڻ کان بهتر ڄاڻي ۽ اهو سوچي تہ ٿي سگهي ٿو هن شخص جو الله پاڪ وٽ مرتبو مون کان وڌيڪ هجي. (قلائد الجواهر مع فتوح الغيب، ص 129)

# سڀ تنهنجو حڪم مڃيندا!

منهنجي پير ۽ مرشد غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه جو ارشاد آهي: جڏهن تون الله پاڪ جي حڪم جو پابند ٿي ويندين تہ سموري ڪائنات تنهنجو حڪم مڃيندي. (قلائد الجواهر مع فتوح الغيب، ص 26)

# مصيبت ۾ شڪايت نہ ڪريو

صبر اهو آهي تہ مصيبت جي وقت الله پاڪ سان حُسنِ ادب رکي (يعني شڪوه نہ ڪري) ۽ ان جي فيصلن آڏو سر تسليم خم ڪري ڇڏي. (بهجة الاسرار، ص 234 ملخصاً)

# ٽي ضروري شيون

مسلمان لاءِ هر حالت ۾ اهي ٽي شيون ضروري آهن:

الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪرڻ (2) ان جي منع ڪيل ڳالهين کان بچڻ ۽ (3) الله پاڪ جي رضا تي راضي رهڻ.

(فتوح الغيب (اردو) ص 17)

## بغير محنت جي تہ دنيا بہ نٿي ملي تہ...

جڏهن اها فنا (يعني ختم) ٿيڻ واري دنيا بہ بغير محنت جي نٿي ملي تہ جنت، جيڪا هميشہ باقي رهڻ واري آهي، اها بغير محنت جي ڪيئن ملندي؟ (تہ جنت حاصل ڪرڻ لاءِ خوب عبادت ۽ رياضت ڪريو) (الفتح الرباني، ص 222 بالتصرف)

## زندگي جو دروازو

(اي انسانو!) جيستائين زندگي جو دروازو کليل آهي، ان کي غنيمت ڄاڻو (يعني الله پاڪ جي عبادت ڪري راضي ڪريو) ڇاڪاڻ تہ تمام جلد اهو دروازو بند ٿيڻ وارو آهي.

(الفتح الرباني، ص 29)

## ٿوري رزق تي راضي رهو

ٿوري رزق تي خوش رهہ ۽ ان کي لازم پڪڙ جيستائين تنهنجو وقت پورو ٿئي (يعني تون فوت ٿي وڃين) ۽ پوءِ توکي ان کان بهتر طرف موٽايو وڃي. (شرح فتوح الغيب (اردو) ص 62-63 ملخصاً)

## خالي هٿ ناهي موٽايو ويندو

بارگاهِ الهي ۾ جيڪو بہ دعا گهرندو آهي، الله ڪريم ان ڪي خالي هٿ ناهي موٽائيندو، ان ڪري تنهنجي دعا جو دنيا يا آخرت ۾ تنهنجي لاءِ ڪو نہ ڪو فائدو ضرور آهي.

(شرح فتوح الغيب (اردو)، ص 460-461 ملخصاً)

## الله پاڪ جي فرمانبرداري

الله پاڪ جي جڏهن تون فرمانبرداري ڪندين تہ مخلوق ۾ مخدوم (يعني جنهن جي خدمت ڪئي وڃي) بڻائو ويندين.

(الفتح الرباني، ص 44 ملخصاً)

## مفيد دعائون

الله پاڪ کان پنهنجي گذريل گناهن جي معافي، آئنده گناهن کان بچڻ، سٺي نموني ان جي عبادت ڪرڻ، سٺي موت ۽ انبياءِ ڪرام عليهم السلام، صديقن، شهيدن ۽ نيڪ ٻانهن سان ملاقات جون دعائون گهرندا ڪريو. (فتوح الغيب، ص 154)

## دوکو کاڌو

دنيا جون رونقون ۽ آسائشون دوکو ڏيڻ واريون آهن، جنهن انهن کي حاصل ڪيو دوکو کاڌو ۽ غافل ٿيو. (شرح فتوح الغيب (اردو) ص 76 ملخصاً)

## توبہ جي دروازي ۾ داخل ٿي وڃو!

(اي انسانو!) جيتريون نيڪيون ڪري سگھو ٿا ڪيو ۽ توبہ جي دروازي کي بہ غنيمت ڄاڻي ان ۾ داخل ٿي وڃو (يعني توبہ ڪريو). نيڪ ماڻهن جي اجتماعن کي بہ غنيمت ڄاڻو. (الفتح الرباني، ص 29)

## ڪُن يعني ٿي وڃ

الله پاڪ پنهنجي ڪنهن نازل ڪيل ڪتاب ۾ فرمايو: اي ابن آدم (يعني اي انسان!) آءٌ الله آهيان، مون کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي، آءٌ ڪنهن بہ شيءِ کي ”ڪُنۡ“ چوندو آهيان تہ اها ٿي ويندي آهي، تون منهنجي فرمانبرداري ڪر، آءٌ توکي اهڙو ڪري ڇڏيندس جو تون چوندين: ”ڪُنۡ“ (يعني ٿي وڃ) تہ اها ٿي ويندي. (فتوح الغيب (اردو) ص 44 ملخصاً)

## سلامتي جا رستا

”اي نادان! توکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ تون پاڻ کي سلامتي جي رستي تي هلاءِ ۽ سلامتي جا رستا آخرت ۽ الله پاڪ جي عبادت جا رستا آهن.“ (فتوح الغيب (اردو) ص 290 ملخصاً)

## شيطان جي بربادي جو سبب

اي انسانو! پاڻ کي حسد (ساڙ) کان بچايو، حسد ئي اها بُري عادت آهي جنهن شيطان کي تباهه ۽ برباد ڪيو ۽ ان کي رحمتِ الهي کان پري ڪري جهنمي بڻائي ڇڏيو. (جلاءَ الخواطر، ص 3)

## دنيا ڪنهن جي خدمت ڪندي آهي؟

الله پاڪ پنهنجي نازل ڪيل ڪنهن ڪتاب ۾ فرمايو: اي دنيا! جيڪو منهنجي اطاعت (يعني فرمانبرداري) ڪري تون ان جي خدمت ڪر ۽ جيڪو تنهنجي خدمت ڪري تون ان کي رنج ۽ مصيبت ۾ رک. (فتوح الغيب (اردو)، ص 44 ملخصاً)


## دوست ڪير؟

”تنهنجو دوست اهو ئي آهي جيڪو توکي برائي کان روڪي.“ (الفتح الرباني، ص 140 ماخوذاً)

## اصل مال بڻائي وٺ

آخرت کي پنهنجو اصل مال بڻائي وٺ ته تون دنيا ۽ آخرت ۾ نفعو حاصل ڪندين. (فتوح الغيب (اردو)، ص 290 ملخصاً)

## ايندڙ هفتي جو رسالو





فيضانِ مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net